


http://soorihsindhiadab.website2.me

books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# آنءُ بہ جيڪر پڙهڻ وڃان ها

ٻاراڻي شاعري

مختار سولنگي

سچائي اشاعت گهر - دڙو

http://soorihsindhıadab.website2.me

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

صاحب خان ”سورھ“ ميراڻي - نئون ديرو
Cell No : 0344 - 3919786

حق ۽ واسطا محفوظ

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب | : | آئون بہ جيڪر پڙهڻ وڃان ها |
| موضوع | : | ٻارن لاءِ شاعري |
| شاعر | : | منٿار سولنگي |
| ايڊيشن | : | پهريون |
| سال | : | جون 2006 |
| ٽائيٽل ڊزائين | : | موهن لال مڪواڻا |
| ڪمپوزنگ | : | حوت ميگهواڙ ۽ ڪيشو لال |
| ڇپائيندڙ | : | سچائي اشاعت گهر - دڙو |
| ڇپيندڙ | : | اتيل ڪميونيڪيشن حيدرچوڪ حيدرآباد |
| قيمت | : | 30 روپيا |

AUN BA JEKAR PARHAN WANJAN HAA, written by Manthar Solangi, Published by Sachai Ishiat Ghar Daro Sindh, Pakistan. First Edition June 2006, Price Per Copy Rs:30/=

http://soorihsindhiadab.website2.me

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

سنڌو ۽ ڪاشف

جي

نانءُ

http://soorihsindhiadab.website2.me

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## پنهنجي پاران

محترم منظر سولنگي جي ٻاراڻي شاعري ”آن: ٻه جيڪر پڙهن وڃان ها“ اوهان جي هٿن ۾ آهي. منظر ته فقط ٻارن لاءِ لکيو آهي. پر هن وڏن لاءِ به لکيو آهي. سندس وڏن لاءِ شعري مجموعو به ترتيب هيٺ آهي. جيڪو ٻن جلد جيجي اوهان جي هٿن ۾ ايندو.

منظر سولنگي، پنهنجي شخصيت توڙي ڪم جي حوالي سان، ڪنهن تعارف جو محتاج نه آهي. هن سنڌي ادبي سنگت کي ٻيهر متحرڪ بڻائڻ ۽ اڪيڊمڪ ڪردار ادا ڪرائڻ ۾ پنهنجو ڀرپور رول ادا ڪيو آهي ۽ سندس ان ڪم کي ڪنهن به ريت ننڍو نٿو ڪري سگهجي. ته سنگت کي منظر جهڙن پر خلوص ۽ مڃتا لائق ساٿين جي سدائين گهرج رهي آهي.

**يوسف سنڌي**



http://soorihsindhiadab.website2.me

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

جڏهن ڪانوَ وجن ٿا موني
تڏهن ڪاشي روئندو آهي.

ان ڪان سواءِ اهڙا نظم، جن ۾ آڪاشي ٻڌائڻ وارو انداز هوندو آهي، تن ۾ ٻارن جي وڌيڪ دلچسپي پيدا ٿيندي آهي. نظم "ڪاڪو ڪرمون" ۾ اهڙو ئي انداز اختيار ڪيو ويو آهي. جيڪو ٻارن کي ضرور پسند ايندو.

ٻارن شور مچايو آهي
ڪاڪو ڪرمون آيو آهي

راند روند ۽ وندر سان گڏ منٺار جا ٻارن لاءِ ڪي اهڙا به شعر آهن، جن ۾ ڪجهه صلاحون ۽ پيغام ڏنل آهن. اهڙن شعرن ۾ به ڇن جو لهجو ٻارن جي ذهني ٻُڌ مطابق سادو ۽ نرم آهي.

ريشم جهڙن هٿڙن ۾
پيارجا پرچم اُڄ لهرا يون

تنهنجي ڌرتي جيجل آهي
هن سان نينهن نباهج ٻچڙا

ويهڻ مان ڪجهه ورٺو ناهي
اڳتي قدم وڌائج ٻچڙا ...

علم جي مشعل روشن رک تون
صاف هميشه تن من رک تون.



http://soorihsindhiadab.website2.me
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ٻارن لاءِ ادب سرجڻ وقت هڪ خاص ڳالهه ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي ته "ٻارن بابت ادب" ۽ "ٻارن لاءِ ادب" ۾ فرق آهي. اسان اڪثر اِها غلطي ڪري ويهون ٿا ته ٻارن بابت ادب کي به ٻارن لاءِ ادب ۾ شامل ڪري ڇڏيندا آهيون. منهنجي نظم "منهنجو ننڍڙو ننڍو آسائين" ۾ هڪ ٻار جا احساس سنڌس ئي لفظن ۾ بيان ٿيل آهن. پر اهو نظم ٻارن جي ادب ۾ شمار نه ٿيندو. ساڳئي ريت حفيظ شيخ جي ٻار بابت لکيل ڪهاڻي "امان مان اسڪول نه ويندس" به ٻارن لاءِ ناهي. منثار جا نظم "فلسطيني ٻار" ۽ "آءُ به جيڪي پڙهڻ وڃان ها" ٻارن بابت ضرور آهن. پر مواد جي لحاظ کان انهن کي ٻارن لاءِ شاعريءَ ۾ شمار نٿو ڪري سگهجي. اِها ڪا وڏي ڳالهه ناهي. شروعات ۾ سڀني شاعرن/ ليکڪن کان اِن قسم جون غلطيون ٿيون آهن. بنيادي ڳالهه جذبي ۽ محبت جي آهي. منثار جنهن جذبي سان ٻارن لاءِ نظم ۽ گيت تخليق ڪيا آهن. تنهن لاءِ هُو جَسَ لائق آهي. مون کي اميد آهي ته هُو اِن کان به وڌيڪ محبت سان ٻارن لاءِ ونندڙ گيت سرجيندو رهندو.

ادل سومرو
واري تڙ سکر



http://soorihsindhiadab.website2.me
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ٽڪا

## ٽَرِسٽا

جيجل منهنجي ماءُ
تنهنجي دُعا ساڻ ٽه پو.
لڳندو نه ڪوسو واءُ.

منهنجا ننڍڙا ياءُ.
ڪاوڙ ڪر نه ايتري.
هان هي شٽي ڪاءُ.

اڳتي هلندو هَلَ.
پاڻهي رستو ڏيندا.
راه جا ٽوڪي جَبَلَ.

قيمتي آ هر هڪ پَل.
سائي ڪجهه آئيندي لئه سوچ.
واندو ويهي هَٿَ نه مَلِ.

جڳَ جڳَ جيئي سنڌڙي.
هن تان آ قربان.
تنهنجي مُنهنجي جندڙي.







http://soorihsindhiadab.website2.me

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

بابل خرچي ڏي.
خانوءَ جي دُڪان وٽ،
سِکو ٽو سَنڌي.

*

مان بي رکندس مانُ.
پنهنجيءَ پياريءَ سنڌ جو،
بڻجي دريا خانُ.



http://soorihsindhiadab.website2.me
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ٻاراڻا ٻول

روڊ تي ٻَس.
ٻس ۾ ٻَچَهَ.
وچ اسڪول
چَڙهَ ڪيهَ.
روڊ تي ٻَس.
ٻس ۾ گوڙ.
خيال سان وَچَ.
اکيان تني موڙ.
روڊ تي ٻَس.
ٻس ۾ ٻارَ.
اچو ته پايون سڀَ.
گلن سندا هارَ.
اُڀ تي ڪَڪَرَ
ڪڪر ۾ مينهن.
شال نه ڏسين ٻچڙا
گَڏن ڪوسو ڏينهن.





http://soorihsindhiadab.website2.me
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# سنڌ جا ٻار



واريءَ جا ھي گھر ٺا ٺاھن.
ھر ٺا ٺاھن، ڦر ٺا ڊاھن.

منھنجي دل جا حا آلا.
وڏندا آھن ھي ٻارَ آلا.

سمنڊ ڪناري سپون ميڙن،
سنڌوءَ جي لھرن سان کيڏن.

آئيدي جا معمار آلا.
وڏندا آھن ھي ٻار آلا.

مڪتب ويندي ٽھڪ ڏين ٿا.
ٻاڻ وڏن جي عزت ڪن ٿا.

گلڙن جا ھي ھار آلا.
وڏندا آھن ھي ٻار آلا.

راندڪن سان راند ڪندي
گيت سھاڻا ڳائيندي.

سنڌ جي لھندا سار آلا.
وڏندا آھن ھي ٻار آلا.

اجرڪ ٽوپي پائي جڏھن
گيت جمالو ڳائن جڏھن.

دِل ٺٺي ٿي ٺارَ آلا.
وڏندا آھن ھي ٻار آلا.



http://soorihsindhiadab.website2.me
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# لوليءَ گولي



آمڙ مونکي لولي ڏي.
لوليءَ سان گڏ گولي ڏي.

ڏاڙيلن جا ڏاڙا ڏسندي.
ويران سارا پاڙا ڏسندي.

مُنهنجو جيءُ جهري پيو آ.
من ۾ مَچ ٻَري پيو آ.

ٻارن کي ٻي اغوا ڪن ٿا.
ڏاڍو تن کي رُسوا ڪن ٿا.

ماءُ جون دانهون ڪون ٻڌن ٿا.
ڪنهنجون آهون ڪون ٻُڌن ٿا.

ماڻهو وحشي ٿي پيا آهن.
جهنگ جا جهنگلي ٿي پيا آهن.

تن کي مارڻ چاهيان ٿو.
پٽ تي ڊاهڻ چاهيان ٿو.



http://soorihsindhiadab.website2.me
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## هاري



ڏينهن ٽتي جو ڏرتي کيڙي.
جهنگ وڏي ۾ لاءِ آکيڙي.
مائڪ، موتي هيرا ميڙي.
وڃ نہ آڇي ڪنهنجي جهيڙي.

پنهنجي جان نہ جنهن کي پياري.
سو آ هاري، سو آ هاري.

ايمان جنهنجو آهي محنت.
اڻ مٽي جنهن وٽ آهہ محبت.
اُن جي ڏاڍي آهي عظمت.
پو بہ رُٺل آ هن کان قسمت.

زندي جَنهن آ عمر گذاري.
سو آ هاري، سو آ هاري.

جيڻ جنهن جو پيڙ لڙ۰ آهي.
تتيءَ ٿڌيءَ پيو هر ٿو ڪاهي.
ٻکيندي ٻکيندي ٻکاءِ ٿو ٻکاهي.
اُن جوڻ اوڇيون راهيون ناهي.

بوڪي جيڪو ونڻ ۾ ساري.
سو آ هاري، سو آ هاري.



http://soorihsindhiadab.website2.me
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ملڪ مٺي جا ماڻهو پيارا.
جن جا روپ وڻن تا سارا.
حق جا جهنڊا رهندا تارا.
دولهه، دودي، هوشو پيارا.

آخر ٿيندي تن جي ساري.
سو آ هاري، سو آ هاري.



http://soorihsindhiadab.website2.me

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## ٻاراڻو غزل

ننڍڙا ٻالڪ تنهنجي قسمت.
تو سان سڀ کي آهي نفرت.

ميرا ڪپڙا جسم به ميرو،
تو تي ڪنهنجي ڪانهي شفقت.



ڌرتيءَ تي حق تون به رکين ٿي،
ملڻ کپي توکي ڀي عزت.

چولا وِڪڻي چل ٿي پيو آن،
جهٽ ڪن ويهي وٺ ڪا فرحت.

ٻڪر ٿي ويا ماڻهو آهن،
ڪير ٻڌي ڪانهي فرصت.

ميرو آهين ڪوڙو ناهين،
مان تو جاڻا تنهنجي عظمت.

آهين تون "منٺار" پيارو،
منهنجي تو سان آهه مُحبت.

●



http://soorihsindhiadab.website2.me
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## باغ جو سير

سير ڪيون اڄ باغ جو پارو.
وڻندڙ آهي واهه نظارو.

گلڙن بر گلزاري آهي.
موسم ڪيڏي پياري آهي.
سرسبز نڳو پيو آهي سارو.
وڻندڙ آهي واهه نظارو.



ڪوئل ٻوني مور نچن ٿا.
خوش ٿي طوطا ٽين ٽين ڪن ٿا.
آهي گلشن ياڳ پيلارو.
وڻندڙ آهي واهه نظارو.

ڏاڍو وڻي ٿو ٻارن کي.
خوشي ٿئي ٿي پيارن کي.
چمڪي ٿو اڄ هن جو چارو.
وڻندڙ آهي واهه نظارو.



http://soorihsindhiadab.website2.me

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# او مولئ

ننڍڙا ننڍڙا هٿڙا جوڙي.
توکي مالڪ عرض ڪيون ٿا.
شال اسانجا عرض اگهائين.
هي تمنا دل ۾ رکون ٿا.
ڪائون خوش ٿي مٺا لولا
منهنجا مولا.

ڪاڪو ڪمن هاري آهي.
هڪ ويلو ويهي پيو ڪائي.
ڏينهن سڄو هو ڌرتي کيڙي.
رات جو ويلو ننڊ ڪ وڃائي.
ان جا سڀ ڪر ڪر تون سولا
منهنجا مولا.

نانی نوران روز رڙي ٿي.
ان جو ٿي ويو مال آ چوري.
سڪ ٿي ڪو ڪونہ ڏسڻ نا.
ڏينهن ڏني جوڪن تا زوري.
ڏاڍا ماٺهو ياندر پولا
منهنجا مولا.

طاقت ڏي ڪا ياڻ ڪي سائين
اوندهي جي ڪريون پڇائي.
شال رهي هي ڌرتي روشن.
سائين ٿي اچ اچ تون سائي.
دور ٿين سڀ رنج ۽ رولا.
منهنجا مولئ.



http://soorihsindhiadab.website2.me
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# چڻو سٿا



ٻارڻ جا او شاهه پٺاڻي.
سنڌ جو تو ۾ ساهه پٺاڻي.
تنهنجي ڌرتي، تي ڪي ٻالڪ.
ٻڪ ۾ تين تا ٻاهه پٺاڻي.

دودي جهڙا ٻاڻ دلير.
هوشو جي للڪار اسان ۾.
جان ڏيي هن ڌرتي جي لئه.
شينهن سنڌي گجگار اسان ۾.

منزل واري وات اسان.
روشن روشن لاٽ اسان.
ويري جيڪي هوندا تن جا.
ٽوڙينداسين ڳاٽ اسان.

صاحب خان "سورهه" ميراڻي - نئون ديرو
Cell No : 0344 - 3919786



http://soorihsindhiadab.website2.me
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## سهڻي صلاح

محنت ڪر تون محنت دوست.
محنت ۾ آ. عظمت دوست.

علم جي مشعل روشن رک تون.
صاف هميشہ تن من رک تون.
ملندءِ ٻوءِ محبت دوست.
محنت ۾ آ عظمت دوست.

سڀ ڪم تو ڪي ڪرڻو آهي.
ويهڻ مان ڪجهہ ورڻو ناهي.
ويهڻ معنيٰ ذلت دوست.
محنت ۾ آ عظمت دوست.

ٻوڪ ٻڄايون ان اپايون.
آتہ منجهان سون بڻايون.
ٿيندي پنهنجي شهرت دوست.
محنت ۾ آعظمت دوست.





http://soorihsindhiadab.website2.me
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ننڍپڻ

پڪڙي هٿ ۾ بوبڻ پيارا.
ڳاڙها پيلا رنگن وارا.

ڏينهن تتي جو گهر مان نڪرڻ.
ڏاڍو ياد اچي ٿيو ننڍپڻ.

هٿ هٿن ۾ ڏيئي هلندي.
گڏجي گيت جمالو چوندي.



ٻاڙي جي گلين ۾ ڊوڙڻ.
ڏاڍو ياد اچي ٿو ننڍپڻ.

واڙي جا ڪجهه گهرڙا ٺاهي.
پل ۾ ٺاهي پل ۾ ڊاهي.

ٽاڙيون وڄائي ٺهه ٺهه ٺهڪڻ.
ڏاڍو ياد اچي ٿو ننڍپڻ

ڪاڪي ڪرمون ڪي چيڙائي.
اڳ ۾ ان کان پاڻ رسائي.





http://soorihsindhiadab.website2.me

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

جهٽ ٻر ان سان پنهنجو پرچڻ.
ڏاڍو ياد اچي ٿو تنديڻ.

هو منثار، منور پيءِ هو.
جاني، زاهد، سندر پيءِ هو.

ڪڏجي يار فدن چيڙڻ.
ڏاڍو ياد اچي ٿو تنديڻ.

1. منور سن سرور
2. اياز جاتوي
3. زاهد مهراڻوي
4. ڊاڪٽر پرسرام
5. فدا حسين سن سرور
سڀ ٻلڄتي جا دوست



http://soorihsindhiadab.website2.me
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ڪاڪو ڪرمو



ٻارن شور مچايو آهي.
ڪاڪو ڪرمو آيو آهي.

سڀني کي آ ڪاڪو پيارو.
آهي ٿورو رنگ جو ڪارو.

وڪڻ آيو ٻَشر ڳولا.
ٻارن جا ويس ويڙهي ٽولا.

ٻي ٻي آئي ٻيو ڪٻائي
ٽنڊڙن ٻر ٿو مڪت ورهائي.

ٻارن کي وندرائڻ خاطر.
رئلن کي ٻرچائڻ خاطر.

روز لطيفا نوان ٻڌائي.
سڀني جي دل کي وندرائي.

ٻارن شور مچايو آهي.
ڪاڪو ڪرمو آيو آهي.



http://soorihsindhiadab.website2.me

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# چوسنا



ڪنهن جو ٻالڪ آهي هيءُ
جنهن کي ڏاڍو ٿئي ٿو سيءُ.
هن جي ڪائي ماءُ نہ آهي.
۽ نہ اُن کو شايد ٻيءُ.

لتڙا ليڙون ليڙون هِن جا.
هيڏي هوڏي واجھائي ٿو.
ڪنهن کي ڪوني بابا، بابا.
هي روئي نير وهائي ٿو.

ٿُڏڪي سَڏڪي سهي پوي ٿو.
اُئيندي لئہ ڪو سوچي ٻارَ.
اوکي آهن جيون رستا
مولي تون ڪو ٻيڙو تار.



http://soorihsindhiadab.website2.me
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# دعا

مولا مونکي طاقت ڏي.
هوشو واري حشمت ڏي.
ڌرتي سان جي ويل تڃ نا.
ننڍڙا ٻالڪ ٻک مرن نا.
تن جو واهي آءٌ ٿيان.
جيجل جي لئہ جيان مران.
مٺهنجو ننڍڙو قد آ ته ڇا ٿيو؟
منهنجي سوچ ننڍي نه کوئي.
سيني ۾ دل ننڍي نه کوئي.
ڌرتي جو مان ننڍڙو پٽڙو.
دودو ٻنجڻ چاهيان ٿو.
دولهه ٻنجڻ چاهيان ٿو.
مولا مون کي طاقت ڏي.
هوشو واري حشمت ڏي.



http://soorihsindhiadab.website2.me
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# مينهن ۽ ٻار

اڀ تي ڪڪرن ڳڙ ڳڙ ڪئي آ.
ٻوندن ڪيو وسڪارو آهي.
مينهن اچي ٿو، مينهن اچي ٿو.



ٻارن ۾ هڪ جوش اچي ويو.
ٻارن لئه ڏينهن هي پيارو آهي.
مينهن اچي ٿو، مينهن اچي ٿو.

هي ڇا؟ بادل زور سان ڳڙڪيا.
آڪاش ويو ٿي ڪارو آهي.
مينهن اچي ٿو، مينهن اچي ٿو.

سي سي، سيءُ سي، سيءُ لڳي ٿو.
زور اچي ويو پارو آهي.
مينهن اچي ٿو، مينهن اچي ٿو.



http://soorihsindhiadab.website2.me
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# سبق



ڪلهه ڏٺم مان دور ٻچايو.
ونلن ڪي منڙا پرچايو.

ديس جون تفرون اوهان بر آهن.
منزل ڏي اوهين وک وڌايو.

رينم جهڙن منڙن بر سڀ،
پيار جا پرچم اج نهرايو.

وقت نہ ڪنهنجو ساٿي آهي.
انهن نہ پنهنجو وقت وڃايو.

ڪوڙجو ڪنڌ مروڙي پارو،
سچ جا سيڻي پار سڏايو.

ڪئي منڌار نصيحت جيڪا،
ان مان پارو سبق پرايو.



http://soorihsindhiadab.website2.me
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# گيت ادن جا



گيت لکان ٿو ٻارن لئه.
ڌرتي جي معمارن لئه.

نيٺ وڌي هي وڏڙا ٿيندا
سک جو ڪوئي ساهه پٽيندا.
اُتهن روشن تارن لئه.
گيت لکان ٿو ٻارن لئه.

اجرڪ ٽوپي پائن ٿا.
گيت وطن جا ڳائن ٿا.
سهڻن ۽ سڄارن لئه.
گيت لکان ٿو ٻارن لئه.

جن سان ڌرتي پياري ٿي
هر هنڌ جڻ گلزاري ٿي.
ساٿين ساهه سهارن لئه.
گيت لکان ٿو ٻارن لئه.



http://soorihsindhiadab.website2.me

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# سنڌي ٻار

آهن جڻ موتين جا هارَ.
سيئي سنڌي پيارا ٻارَ.

ڪير جيان حسن من جا اڇا.
تارن وانگر چمڪن ٿا پيا.
لهندا سنڌ ڌرتي جي سارَ.
سيئي سنڌي پيارا ٻار.

ٻوليون مٺڙيون جڏهن ٻولن.
چپڙا پنهنجا جيئن ٿا چورن
دل تان دور ٿين ٿا ٻارَ
سيئي سنڌي پيارا ٻار.

ٻالڪڙن جون ٻوليون ٻاتيون.
اوچا ڳاٽ ۽ چوڙيون ڇاتيون.
اهڙا تن جا آهن يارَ.
سيئي سنڌي پيارا ٻار.





http://soorihsindhiadab.website2.me
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ڌرتيءَ سان پيار



ديس سڄو گلزار ڪيون آڄ،
ڌرتيءَ سان اڄ پيار ڪيون آڄ.

تاريخ وري ورجائي پنهنجي،
خوشبوءِ جيئن للڪار ڪيون اڄ.

نفرت جي ساگر ۾ ٿو مان،
پيار جو ٻيڙو تار ڪيون اڄ.

ڪلفت جو اڄ ڪنڌ مروڙي،
الفت جو اظهار ڪيون اڄ.

نيٺ نڀائي هن ڌرتيءَ سان،
پنهنجي جان نثار ڪيون اڄ.

صاحب خان ”سورهه“ ميراڻي - نئون ديرو
Cell No : 0344 - 3919786



http://soorihsindhiadab.website2.me
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ڪاشي ۽ ڪانو

ڪانون جي ڪاشي سان ياري،
ياري ڪيڏي آهي پياري.

صبح سويرو گهر جي اڱڻ تي،
ڪانون جا ڪجهه ميڙ اچن ٿا.
ڪان ڪان ڪندي ڪانو پيارا،
ڪون ڪڏهن ڀي ٽڪجي پون ٿا.
اهڙو تن جي حال ڏسي
ڪاشي ڪلندو ڪڏندو آهي،
جڏهن ڪانوَ وڃن ٿا موٽي،
تڏهن ڪاشي روئندو آهي.

ڪانوَ ۽ ڪاشي ڪي ٿا چاهن،
هن کي ڏسي ٻو شور مچائن.
ڪان ڪان جهڙيون ٻوليون ٻولي،
ڪاشي جي ٿا دل وندرائين.

ڪانو سان ڪاشي جي ياري-
ياري ڏاڍي آهي پياري-



ڪاشف رضا (نهين ٻٽ)



http://soorihsindhiadab.website2.me
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner




Scanned with CamScanner

# يادگيري

ڪاشف رضا سولنگي (ڪاشي) سولنگي جڏهن ننڍڙو هيو ته ڪانون کي ماڻيءَ جا پورا ڏيندو هيو ، ڪانون سان ڪيڏندي ڪنهن جي اچڻ تي اڏامي ويندا هيا ته روئندوهيو ته ڪانون کي واپس گهرايو. نظم "ڪاشي ۽ ڪانو" پائو منٺار سولنگي اسان جي روبرو لکيو هيو .

ان ڪان علاوه پائو منٺار سولنگي سان منهنجي زندگيءَ جا ڪافي سال ادبي پروگرامن ۾ گڏ گذريا . سندس همٿائڻ ۽ مهرباني سان آءُ سنڌي ادبي سنگت شاخ نئون ديرو جو ميمبر ۽ عهديدار به رهيس ، منهنجي پارائي ناول "ڏرتيءَ جا رکوالا" تي اپياسي ويهڪ پڻ ڪرائي هيائين . ڪتاب جي شروعات ۾ يادگار فوٽو (سائين امام المتقين امام راشديءَ جي تورن سان) ڏنل آهي -

صاحب خان "سورهه" ميراڻي - نئون ديرو

Cell No : 0344 - 3919786

http://soorihsindhiadab.website2.me

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# سنڌ امر آ



سنڌڙيءَ جو سرتاج ڀٽائي.
رکندو سنڌ جي لاڄ ڀٽائي.

سچل سائين ڏرازن وارو.
سچ جوڻ ۾ جڳ کان نيارو.

سنڌڙيءَ جو شهباز به آهي.
سنڌ تي جنهن کي ناز به آهي.

سامي يار سلوڪن ۾.
آهِ ملوڪ ملوڪن ۾.

اڄ ٻي شاهه عنايت سنڌ ۾.
سچ جي آهِ علامت سنڌ ۾.

هوشوءَ دولهه دريان خان.
پونءَ جا مانجهي مڙس مهان.

دودي هيمون جهڙا ماڻهو.
امر رهن ٿا اهڙا ماڻهو.

آيان چَوين ٿو ويري سنڌ ۾.
ٿيندا سنڌي ڍيري سنڌ ۾.

سنڌ امر آ، رهندي سنڌ.
منهنجي قربان اِن تي جند.



http://soorihsindhiadab.website2.me
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ٽڪا

## ٽرَستا

جيجل منهنجي ماءُ.
تنهنجي دعا ساڻ ته پوءِ.
لڳندو نه ڪوسو واءُ.

منهنجا ننڍڙا پاءُ.
ڪاوڙ ڪرڻ ايتري.
حان هي شئي ڪاءُ.

اڳتي هَلندو حَل.
پاڻهي رستو ڏيندا.
راه جا ٽوڪي جَبَلَ

ٿيمتي آهر هڪَ پل.
اٿي ڪَجهه آئيندي لء سوچ.
واندو ويهي حَتَ نه مَلِ.

جڳ جڳَ جيئي سنڌڙي.
هن تان آ قربان.
تنهنجي منهنجي جندڙي.

●







http://soorihsindhiadab.website2.me

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# سچ



سچ سدا ڳالهائج ٻچڙا.
سچ سدا ڳالهائج.

سچ جي راهه تي هَل ڻ هَلندي.
پر نه ٿِڪي بانئج ٻچڙا.
سچ سدا ڳالهائج.

ڌرتي تنهنجي جيجل آهي.
هن سان نينهن نڀائج ٻچڙا.
سچ سدا ڳالهائج.

ويهڻ مان ڪجهه ورئو ناهي.
اڳتي قدم وڌائج ٻچڙا.
سچ سدا ڳالهائج.



http://soorihsindhiadab.website2.me
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# آءُ بہ جيڪر پڙهڻ وڃان ها



صبح سَويرو
اڏڙاڏڙيون.
ننڍڙانڍڙيون.
وهنجي سنهنجي.
اُجرا اُجرا ڪپڙا پهري.
هٿ ۾ ڦري ڪلڪ سليٽ.
جڏهن وڃن ٿا مڪتب ڏي.
تڏهن ڪنهن فوٽ پاٿ تي ويهي.
اٺين اٺين وارن وارو.
ميرن سيرن ڪپڙن وارو.
ڳدلن ڳدلن ڪپڙن وارو.
ننڍڙو ادڙو.
هٿ ۾ چولن ٿال جهلي.
ميرن. ڳدلن. ڪپڙن تي.
اجرا اجرا لڙڪ وهائي.
دل ئي دل ۾ سوچيندو آ.
آءُ بہ جيڪر پڙهڻ وڃان ها
پنهنجي ننڍڙي ڦرهي تي.
اِيتا سبق اُڪر لکان ها.
آءُ بہ جيڪر پڙهڻ وڃان ها.
آءُ بہ جيڪر پڙهڻ وڃان ها.



http://soorihsindhiadab.website2.me
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ريل ۽ ٻار



ڏاڍي ڏاڍيان ريل هلي ٿي.
ماڻهو منزل سڀ ڇڏي ٿي.
ڊوڙو ٻارو ريل اچي ٿي.
ڊوڙو ٻارو ريل اچي ٿي.
ڇڪ ڇڪ ڇڪ ڪو ڪو ڪو.
پري ڪان مي آواز ڪڍي ٿي.
ڊوڙو ٻارو ريل اچي ٿي
ڊوڙو ٻارو ريل اچي ٿي.
ڪاڪن جو آ قل ڪرايو.
ٻارن ڪان مي حاف وٺي ٿي.
ڊوڙو ٻارو ريل اچي ٿي.
ڊوڙو ٻارو ريل اچي ٿي.



جيڏي آه ڏکي مي ۽ ڪاڏي.
ايڏو ٻارو تيز هلي ٿي.
ڊوڙو ٻارو ريل اچي ٿي.
ڊوڙو ٻارو ريل اچي ٿي.
ويهندي مٺ بر انين لڳندو آ.
جڻ ڪي سريلا گيت ڳوي ٿي.
ڊوڙو ٻارو ريل اچي ٿي.
ڊوڙو ٻارو ريل اچي ٿي.



http://soorihsindhiadab.website2.me

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# فلسطيني ٻار



فلسطيني ٻار
پنهنجو معصوم ۽ مُرجهايل چهرو.
پنهنجن اڀن ڳوڏن تي رکي.
سوچي ٿو.
هي جو ويل ٿين ٿا منهنجي ديس تي.
هي جو جهاز بم ڪيرائين ٿا هتي.
هي جو ٽينڪون گولا وسائين ٿيون هتي.
هي جو منهنجي ملڪ جا.
سڀ جوان.
ٻوڙها.
ٻار.
بي گهر آهن.
۽ رڏل آهن. ديس جي دفاع ۾.
ڇا ٻين ملڪن جا ماڻهو به.
ائين بي گهر هوندا.
منهنجي ملڪ جي ماڻهن جيان.



http://soorihsindhiadab.website2.me
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ڌرتيءَ ٻار



ڌرتي ۽ آڪاش اسان جو.
ٻار سنڌس جا تارا آهيون.
ڏاڍا ڪيس پيارا آهيون.

ٻو ٻه قبول ڪري ٿي سڀ کي
ٿوري کوجها ڪارا آهيو.
ڏاڍا ڪيس پيارا آهيون.

سڀ کي ٿي هڪجهڙو ڀائين.
ٻچڙا هن جا سارا آهيون.
ڏاڍا ڪيس پيارا آهيو.

ٻاجهه ڀري ۽ ماءُ اسانجي.
ٻار ٻه سڀ ٻاجهارا آهيو.
ڏاڍا ڪيس پيارا آهيون.





http://soorihsindhiadab.website2.me
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ٻاراڻا ٻول

روڊ تي بَس.
بس ۾ تيل
چورن کي مِلندو.
آخر جيل.

روڊ تي بس.
بس ۾ گرمي.
منهنجو پيءُ.
آهي ڪَرمي.

روڊ تي بس.
بس ۾ فقير.
روئو ٻارن کي.
سمجهن ٿا فقير.

روڊ تي بس.
بس ۾ سامان
اسانجي گهر
آيا مهمان.

روڊ تي بس.
بس ۾ پاڻي.
تنڊڙا ادڙا
تنهنجو رب سائي.

شهر ۾ روڊ
روڊ ۾ لاڙو.
هلو ته ڏسون هلي.
گلو جو پاڙو.

●





http://soorihsindhiadab.website2.me
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

